شبنم گُل

# شاھ لطيف ۽ مغربي شاعرن جي نظر ۾ عورت جو ڪردار

***Abstract:***

*This research paper contains the comparative analysis of Shah Abdul Latif Bhitai and Western poets' portrayal of female characters in their poetry. In ancient Sindh, women were praised and adored. They equate women with fertile soil as soil provides food, shelter and care to the humans. In the same way, a woman takes care of family members and plays a vital role in the physical, mental and spiritual growth of her child. She looks after the entire family and connects them with each other. Shah Latif delineated his characters as loving and caring souls. His female characters love with their heart and soul and provide peace and comfort to their loved ones. Her great attribute is love, peace and harmony towards her children, relatives and homeland. She is thoroughly connected to her roots. This paper also depicts how poets of different ages whether they belong to Romantic, Metaphysical, Victorian or Elizabethan era have presented female characters in their verse, the poets being William Shakespeare, Robert Browning, John Donne, William Wordsworh, Keats, William Blake and Shelly. Shakespeare delineated male characters as having hamartia and depression but his heroines are strong and bold. Victorian poets and writers showed women characters as repressed. Even woman writers never dared to pen down revolutionary character of women. But comparatively, Shah Latif represents the true picture of women as considered in ancient Sindh. William Wordsworth portrayed conjugal love at highest and tributes his wife as the best. On the other hand, Shah represents woman's role, keeping in view her important role in the family. The women's position changed in Sindh when many invaders intruded in Sindh and they were hostile to women and eventually it merged into the society and culture. In Elizabethan and Victorian age women were burdened by unjust social taboos whereas in Sindh, Sufi poets bestowed them with the utmost respect and portrayed them as human beings.*





**عورت** ماءُ ٻوليءَ جي ورثي جي نگھباني ڪندي، ان کي پنھنجي ايندڙ پيڙھين ۾ منتقل ڪري ٿي. عورت ثقافت جي امين آهي. هوءَ ريتن رسمن ۽ سماجي توڙي مذهبي ڏڻن ۾ ڀرپور حصو وٺي ٿي.عورت، ڌرتيءَ ڏياڻي آهي، هوءَ پوک، مال ومتاعُ ۽ گھريلو جانورن توڙي پکين جي سٺي سار سنڀال لھندي پئي اچي. عورت ۾ ڌرتيءَ جهڙيون خاصيتون موجود آهن. ڌرتي زرخيز آهي، سُک ۽ سرهائي ورهائي ٿي، انسانيت لاءِ آٿت ڏيندڙ چانورو آهي، غذا وسيلي ذهني توڙي جسماني طور تي واڌ ويجھ ڪري ٿي. اهي ساڳيون خوبيون عورت ۾ پڻ آهن. عورتون پنھنجي نسلن جي ذهني، جسماني ۽ روحاني طور تي سارسنڀال لھن ٿيون، اهو ئي سبب آهي تہ ڌرتيءَ جيان ڪنھن دور ۾ عورتن کي بہ پوڄيو ويندو هو.

”پراچين سمي عورتن جو ٻارن ڄڻڻ جو عمل ۽ زمين جو زرخيزي عمل، هڪ حقيقت جا ٻہ رخ سمجھيا ويندا هئا. ماتا جون مورتيون ۽ انهن جي پوڄا زراعتي دور جي پيداوار آهي، ڇو جو زراعت جو فن عورت جي ايجاد آهي، انهيءَ ايجاد ڪري ماڻھو خانہ بدوشيءَ جي زندگي ڇڏي ٽانيڪا ٿي ويٺا، پوک جي شروعات سان ’مادري نظام‘ جو رواج پيو. پروفيسر ريورز لکي ٿو: اموي نظام ۾ قبيلي جي هر شخص کي ان جا حق ۽ فرض ماءُ جي طرف کان ملن ٿا، نہ ڪي پيءُ جي طرف کان. اهڙو رواج بنگلاديش ۾ آسام جي کاسي قبيلي ۾ اڄ تائين هلندو ٿو اچي.“(١)

قديم دورن کان مليل مجسمن مان خبر پوي ٿي تہ عورت کي زرخيزي، سرهائي، پالنا ۽ عطا ڪندڙ طور ڏٺو ويندو هو. قديم تهذيبن ۾ عورت جو تصور مثبت، سگھارو ۽ زندگي بخش هو.

ماتا جو پراڻي دور جو هڪ مجسمو آسٽريا مان لڌو ويو آهي، جيڪو (Venus of Willendorf) جي نالي سان جڳ مشهور آهي، جنهن ۾ هڪ گھنڊيدار وارن واري عورت کي پنھنجون ڇاتيون دٻائيندي ڏيکاريو ويو آهي. لڳي ٿو تہ هو ڇاتين مان کير ڪڍي رهي آهي، جنهن مان ثابت ٿئي ٿو، اُها ماءُ آهي. انهيءَ قسم جا بت اهڙن ملڪن مان لڌا ويا آهن، جتي مادر پرستي جو رواج هو، هن مان مراد انساني ماءُ نہ هئي، پر فطرت جي ماءُ هئي، جيڪا انسان جي سڀني ضرورتن کي پورو ڪندي آهي.

قديم زماني ۾ مادر پرستي آمريڪا جي قومن ۾ بہ رائج هئي، تنهنڪري

اُتان جي نيم مهذب قومن ۾ اڄا ٻه ان جا آثار موجود آهن، مثال طور، ذوتي قوم جو عقيدو هو تہ زمين سڀني جي ماءُ آهي، جهڙي طرح ماءُ کير پياريندي آهي، اهڙي طرح ڌرتي انسانن کي پاڻي پياري ٿي ۽ زميني پيداوار، حقيقت ۾ زمين جي جسم جو گوشت آهي، جيڪو ڪاڏي جو ڪم ڏئي ٿو. ڪلامات جا وحشي چوندا آهن تہ: ”زمين ماءُ جي صورت ۾ پنهنجي ٻچن يعني انسانن کي اناج ۽ ميوي جي روپ ۾ وڏا وڏا انعام ڏيندي رهي آهي. ڍنڍون ان جون اکيون آهن ۽ جبل انهن جو سينو، جن مان ندين ۽ درياهن جي صورت ۾ کير وهندو رهي ٿو. اهڙائي خيال تاريخ کان اڳ يورپ ۾ ملندا هئا، جنهن بعد يورپي قومن کان اهو عقيدو بحريہ روم جي ملڪن ايشيا ڪوچڪ، مصر، عراق وغيره ۾ پهتو، اهڙي نموني آهستي آهستي هي سلسلو وڌندو سنڌ ۽ وچ ايشيا تائين پهچي ويو.“(٢)

شاهہ لطيف عورتن جا ڪردار نمايان طور بيان ڪيا آهن ۽ عورتن کي ڏُکُ سُور ونڊڻ واري هڏ ڏوکي ڪردار طور پيش ڪيو آهي. ان جا ڪيئي سبب آهن. عورت لوڪ ورثي جي سرواڻ آهي ۽ گهرڏياڻي طور تي هوءَ گهر جا ڪم ڪار، ٻارن جي پالنا ۽ سماجي رابطن جي واڌ ويجهہ جون ذميواريون وڌيڪ سنڀالي ٿي. ذهني ۽ جسماني طور تي هوءَ مرد کان مزاج ۽ روين ۾ گهڻي مختلف ٿئي ٿي، مرد راز نہ سليندو ۽ نہ ئي اندر جي ڳُجهہ جي خبر ڏيڻ ڏيندو، هو ڏک سُور ۽ من جا راز پاڻ تائين محدود رکڻ وڌيڪ پسند ڪري ٿو، پر ان جي مقابلي ۾ عورت ڏُکُ سور سلڻ کانسواءِ رهي نہ ٿي سگهي. ان احساس جي ونڊ ۽ سور سلڻ ئي سندس جياپي جي ڪارڻ ٿئي ٿو، اڻ سليل ڳالهيون سندس من جهوري ڇڏين ٿيون وجهن.

شاهہ لطيف عورت جي ان مزاج کان چڱيءَ ريت واقف ٿو ڏسجي. سر سامونڊي ۾ فرمائي ٿو:

جيڪَرَ اَچي هاڻِ، تہ ڪَريان رُوحَ رُچَنديون،
آيَلِ! ڍوليي ساڻِ، هوند ڳَرِ لَڳِي ڳالهيُون ڪَريان.

(سر سامونڊي، داستان پهريون، بيت ٢٩، ص: ١٩٤)

(هُو جيڪر موٽي اچي تہ ساڻس روح ۽ ريجهائيندڙ رهاڻيون ڪريان. اي جيجل! مان هوند پرينءَ سان ڳلي لڳي ڳالهيون ڪريان).





ڀٽائي پنهنجي شاعريءَ ۾ عورت کي محبت، وفا ۽ حب الوطنيءَ جي علامت طور پيش ڪيو آهي. انگريزي شاعرن ۾ وليم شيڪسپيئر پنهنجي اڪثر ڊرامن ۾ هيروئن جو ڪردار هيرو جي مقابلي ۾ وڌيڪ مضبوط ڏيکاريو آهي. ان دور ۾ عورت جي سماجي حيثيت جي ڳالهہ ڪجي تہ انگلينڊ ۾ جڏهن ايلزبيٿ دور هو، جنهن ۾ عورتون سياسي توڙي سماجي طور تي آزاد نہ هيون. سماج تي مردن جو ضابطو هو پر ان جي باوجود شيڪسپيئر جي ڊرامن ۾ مکيہ عورتن جا ڪردار، ذهني طور تي سگهارا نظر اچن ٿا.

جيئن king Lear ڊرامي ۾ Merchant of Venice, Cordelia ڊرامي ۾ Portia، ميڪبيٿ (Macbeth) ڊرامي ۾ Much Ado About Nothing, Lady Macbeth ڊرامي ۾ Beatrice، رومانوي ڊرامي Romeo and Juliet ۾ Juliet، Othello ڊرامي جي Desdemona، As you like it، ڊرامي جي Rosalind ۽ Twelfth Night, Celia ڊرامي جي Viola ۽ ڊرامي ,A Midsummer Night’s Dream جي Hermia ۽ ٻين ڊرامن جون سورميون سمجهو ۽ سهڪاري ڏيکاريون ويون آهن. شيڪسپيئر جا مکيہ مرد ڪردار ذهني ويڳاڻپ، وقت تي فيصلي ڪرڻ جي سگهہ کان محروم يا ڪنهن نہ ڪنهن ذهني مونجهاري جو شڪار ڏيکاريا ويا آهن، پر عورتون پنهنجي سمجهہ، ڏاهپ ۽ ذهني پختگيءَ سان مونجهاري ۾ ڦاٿل پنهنجي هيرو کي، ان مشڪل حالتن مان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندي ڏيکاريون ويون آهن.

شيڪسپيئر جي عورت ڪردارن جي ڀيٽ ۾ شاهہ جون سورميون سسئي، سهڻي، مومل، ليلان، نوري , سورٺ ۽ مارئي ذهني توڙي روحاني طور تي وڌيڪ مضبوط ڏيکاريون ويون آهن. خاص طور تي سسئيءَ جي جدوجهد ۽ حوصلو، مارئيءَ جي ثابت قدمي، وطن جي حب ۽ مارن لاءِ اڪير، سهڻيءَ جي بيخوفي ۽ اڻ وڻندڙ ريتن ۽ رسمن کان بغاوت، نوريءَ جي سادگي ۽ سٻاجهائپ ليلان جي محبت ۽ پڇتاءَ سورٺ جو صبر روين جو روشن مثال آهن.

انگريز شاعرن ۾ جان ڊن وٽ عورت لاءِ منفي ۽ مثبت ٻئي روپ ملن ٿا. هن جي شاعريءَ ۾ عورت گهڻي ڀاڱي غيرمستقل مزاج ۽ بي وفا ڏيکاري وئي آهي. هر دور ۾ روايتي ماحول ،عورت جي خوشين ۽ انفراديت ۽ خودمختياريءَ جو پيڇو ڪندو

رهيو آهي. مشرق هجي توڙي مغرب، عورت لاءِ پرک جا سخت پيمانا طئي ٿيل نظر اچن ٿا. پنهنجي نظم: ’Go and Catch a Falling Star‘ ۾ هو عورتن ڪي بي وفا طور ڏسي ٿو. سندس نظر ۾ وفادار عورت جو ملڻ ناممڪن آهي، پر جان ڊن جو عورت ڏانهن محدود رويو نہ آهي، هو ساڳئي وقت محبت کي زندگيءَ جو اهم حصو سمجهي ٿو، محبوب جو تصور ڪيس زندگي ۾ تحرڪ عطا ڪري ٿو. پنهنجي نظمن ۾ هن ازدواجي محبت ۽ رشتي جو خوبصورتيءَ سان اظهار ڪيو آهي، پر سندس پيٽ ۾ شاهہ لطيف، عورت کي جذباتي ۽ اخلاقي طور ڪمزور نہ ڏيکاريو آهي. هن عورت جي خامين بجاءِ خوبين کي وڌيڪ ساراهيو آهي. اهي ڪيفيتون سُر مومل راڻو ۾ سُر سهڻي ۾ نظر اچن ٿيون. مومل، راڻي جي غيرموجودگيءَ ۾ پيڻ سومل کي راڻي جو لباس پارائي پاڻ سان رهائي ٿي. هوءَ پنهنجي اڪيلائپ جي خوف کي ختم ڪرڻ لاءِ اهو قدم کڻي ٿي ۽ جڏهن راڻو اوچتو واپس اچي اهو منظر ڏسي ٿو تہ مومل کي بي وفا سمجهندي ڪانئس ڪاوڙجي وڃي ٿو:

راڻا تنهنجي راهہ تي، ڏِيهاڙِي ڏيڪان،
راڻي جِي رِهاڻِ جُون، رُوحَ اندَرِ ريڪان،
مُحَبَتَ جُون ميڪان، توسين لالَ! لِپيٽِيُون.

(سر مومل راڻو — داستان چوٿون، بيت ١١، ص: ٥٣٢)

(اي راڻا! مان ڏهاڙي تنهنجي واٽ پئي نهاريان، منهنجي روح ۾ راڻي جي صحبت جون تارون پيل آهن، اي سپرين! تو سان منهنجون محبت جون ميخون جڙيل آهن).

مشرق توڙي مغرب جي شاعرن، عورت کي پنهنجي شاعريءَ جو محور بڻايو آهي. هوءَ ڌرتي، فطرت ۽ ڪائنات جي مظهرن جي حوالي سان علامتي انداز ۾ پيش ڪئي ويندي رهي آهي. فرق رڳو ماحول، ثقافت ۽ جاگرافيائي حدن جو آهي، باقي محبت ۽ جذبا زمان ۽ مڪان جي حد بندين کان آجا آهن. مغربي شاعرن بہ عورت سان ٿيندڙ سماجي ڏاڍاين جي خلاف آواز اٿاريو آهي. هر دور جي حالتن، جنگين، خانہ جنگي ۽ قدرتي آفتن ۽ معاشي مسئلن جو اثر سڌو سنئون اثر عورت جي صحت، زندگي ۽ ڪارڪردگيءَ تي پوي ٿو. عورت جئين تہ ناهڻ، سهيڙڻ ۽ شين جي نئين سر





تعمير ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. ان ڪري سماجي توڙي ماحولياتي تبديلين جو اثر هن جي زندگيءَ تي سڌو سنئون پوي ٿو، جيڪا ڳالهہ ڪيئي سال اڳي شاهہ لطيف ڪئي. اُها جديد دور ۾ ايڪو فيمينز (Echo Feminism) جي اصطلاح تحت ظاهر ٿي آهي.

ڦيريون پيرو فرانڪوز ڊي ايوبون (Francoise d' Eaubonne) پنهنجي مضمون ۾ ايڪو فيمينزم جي باري ۾ لکيو هو. هن مطابق ماحولياتي گدلاڻ وڌندي، قدرتي وسيلا ختم ٿيندا. زمين، پاڻي ۽ ٻيلن تائين پهچ بابت تڪرار وڌندو، صحت، انسانن ۽ جانورن جي وچ ۾ لاڳاپن جي باري ۾ پيدا ٿيندڙ چيلنج وڌندا. هيءَ تحريڪ ايڪٽوزم جي پيداوار آهي، جنهن لاءِ گهڻو ويچاريو ويو ۽ مختلف پليٽ فارمن کان آواز اٿاريو ويو. هن جن مسئلن جي نشاندهي ڪئي سي سچ ثابت ٿيا آهن. هيءَ تحريڪ پدرشاهي سماج جي تحت فطرت ۽ عورت ٻنهي جي استحصال ۽ تسلط جي باري ۾ سوال اُٿاري ٿي. هن تحريڪ وسيلي موسمياتي تبديلين، صنفي اڻ برابري ۽ سماجي ناانصافي کي وڌيڪ وسيع طور سمجهي سگهجي ٿو.

جديد دنيا ۾ جنگيون، امن امان جا مسئلا ۽ اقتدار جي لڙاين ۾ مردن جو حصو وڌيڪ رهيو آهي. ايڪو فيمينزم موجب، مرداڻي سماج فطرت ۽ عورتن جي حقن کي پائمال ڪيو آهي. اهو ئي سبب آهي تہ پيٽائيءَ انساني قدرن خاص طور تي عورت ۽ ماحوليات جي حوالي سان وڏي سجاڳي ڏني آهي. موجوده دور ۾ سائبيريا کان ايندڙ پکين جي تحفظ جو سوال اٿاريو وڃي ٿو. اهي امن جي علامت معصوم پکيئڙا شڪارين جي ور چڙهي وڃن ٿا. ’سُر ڏهر‘ ۾ شاهہ لطيف وجودي توڙي قومي بقا جا سوال اُٿاريا آهن. ساڳي وقت هو پکين ۽ ماحوليات جي خطرن کان آگاهہ ڪري ٿو. هڪ لحاظ کان هن ’سُر ڏَهر‘ وسيلي مستقبل جي خطرن جي اڳڪٿي ڪئي آهي:

ڪُونجَ نَہ لَڪِيو ٻاڻُ، جو مارِيءَ سَندي مَنَ ۾،
اوچِتِي پَرِياڻَ، وَڳَرَ هَٽِي ويڇُون ڪِيا.

(سر ڏَهر، داستان چوٿون، بيت ١٧، ص: ٨٨٤)

(ڪونج اُهو تير نہ ڏٺو، جنهن سان ڪيس نشان ڪرڻ جو ارادو ماريءَ جي چت ۾ هو، ماريءَ جي اوچتي نشان، ڪونجڙين جي ولر کي ڇڙوڇڙ ڪري ڇڏيو).

اوڻويهين صديءَ ڌاري، قومون ’پدر شاهي‘ جي سخت اثر هيٺ هيون، جنهن جو گهڻو شڪار عورتون هيون. اها حالت فقط اوڀر جي نہ هئي پر اولهہ ۾ بہ عورت کي هڪ راندڪي ۽ آسائش طور ڏٺو ويندو هو.

انگريزي ٻوليءَ جي رابرٽ براؤننگ (Robert Browning) پنهنجي ٻن نظمن ۾ عورت جي ڪردار جي انفرادي توڙي سماجي حوالي سان نمائندگي ڪئي آهي. انفرادي رويا پڻ جينياتي ۽ سماجي روين جي اُپٽار ڪندي نظر اچن ٿا. ان حوالي سان ماءِ لاسٽ ڊچس (My Last Duchess) ۽ پروفائيرياز لَوَر (Porphyria’s lover ) سندس بہ اهڙا نظم آهن، جيڪي ٻن خوبصورت ۽ مضبوط عورتن جي چوڌاري ڦرن ٿا، جيڪي مردن هٿان حسد ۽ شڪ جي بنياد تي ماريون وڃن ٿيون . مرد وٽ جسماني طاقت آهي، پر عورت وٽ جذباتي ۽ روحاني قوتون آهن، جن جي ڪري مرد ڪانئس خائف رهي ٿو. پنهنجي مضمون ۾ (Alina Saminsky) وابرٽ براؤننگ جي ٻنهي نظمن جي مرد ڪردارن جي هن ريت وضاحت ڪري ٿي.

“Yet the most fascination similarity is that both of these poem deal with power dynamics based on gender. Initially, the females have the power and the men do not. The men feel threatened by this, so the way that they choose to take this power is to kill the woman. The power switches from the women to the men, and murder is the tool used to make this movement.”(3)

(پوءِ بہ انهن ۾ سڀ کان وڌيڪ دلچسپ هڪجهڙائي اها آهي تہ هي ٻئي نظم، صنف جي بنياد تي طاقت جي حرڪيات ساڻ ڊيل ڪن ٿا. ابتدائي طور تي عورتن وٽ طاقت ٿئي ٿي ۽ جيڪا مردن وٽ ڪونهي. مردن کي ڪانئن خطرو محسوس ٿئي ٿو. ان ڪري انهن وٽ اختيار حاصل ڪرڻ جي طريقي ۾ عورتن کي قتل ڪرڻ آهي. ائين طاقت عورتن کان مردن ڏانهن منتقل ٿي وڃي ٿي ۽ قتل ان تحريڪ کي ٿاهڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ اوزار آهي.)

رابرٽ براؤننگ جي نظم ماءِ لاسٽ ڊچس سچي واقعي تي منحصر ڪهاڻي آهي. اٽلي جي ڊيوڪ ايلفونسا (Alfonso) نظم ۾ پنهنجي پهرين زال جي باري ۾ ٻڌائي ٿو، جيڪا ٽن سالن ۾ پراسرار طور مري وئي. هو مهمان کي پنهنجي زال جي پورٽريٽ جي بابت ٻڌائي ٿو، جيڪو محل جي ديوار تي لڳل آهي، جنهن کي مصور





فراپينڊولف (Fra Pandolf) محنت سان ٺاهيو هو. هو زال جي چهري تي نظر ايندڙ گلابي رنگ کان خائف نظر اچي ٿو ۽ ان جا سبب بيان ڪري ٿو. سندس زال زندگيءَ سان ڀرپور ۽ ننڍين ننڍين ڳالهين تي خوش ٿيڻ واري هئي، جيڪا ڳالهہ ڪيس شاهاڻي مزاج جي اُبتڙ لڳندي هئي.

هن کي اهو بہ محسوس ٿيو تہ سندس ڳلن جي ڳاڙهاڻ سندس مڙس لاءِ نہ هئي.

Oh, sir, she smiled, no doubt,
Whene’er I passed her; but who Passed without
Much the same smile?
This grew; I gave commands;
Then all smiles stopped together (4)

(اوهہ سائين: هوءَ مرڪي، ڪوشڪ نہ آهي
جڏهن مان پرسان لنگهيس: ۽ جيڪو بغير گذري ويس
هڪ ئي مرڪ؟ مون حڪم ڏنو پوءِ سموريون مرڪون
هڪ وقت ۾ بيهي رهيون).

ڊچس جي زال پنهنجي مرضيءَ سان زندگي گذارڻ چاهيندي هئي، جيڪا بناوٽ کان پاڪ ننڍپڻ ۽ معصوم خوشين سان ڀرپور هئي پر ڊيوڪ کي اها ڳالهہ پسند نہ آئي ۽ ڪيس مارائي ڇڏيائين.

وڪٽورين دور ۾ عورت جي ڪردار کي ڪافي ڪمزور ڏيکاريو ويو، پوءِ رابرٽ براؤننگ هجي يا الفرڊ لارڊ ٽيني سن هجي، اهي عورت کي روايتي دائري مان ٻاهر ڪڍي نہ سگهيا. لارڊ ٽيني سن جي نظم ميريانا (Marianna) ۾ عورت جو ڪردار ڪمزور ڏيکاريو ويو آهي. ايتريقدر جو رابرٽ براؤننگ جي گهر واري ايلزبيٿ بيرٽ براؤننگ (Elizabeth Barrett Browning) جيڪا پاڻ شاعرا هئي پر هوءَ بہ عورت جو سگهارو آواز، تخليق نہ ڪري سگهي.

شاهہ لطيف پنهنجي دور جي اثرن کان آزاد ٿي عورت جي ڪردار جي فطري ۽ حقيقي ترجماني ڪئي. رابرٽ براؤننگ جي نظم Porphyria ۽ My Last Duchess ۽ سُر سهڻيءَ جو جائزو وٺنداسين تہ پتائي، مغربي شاعرن جي عورت جي ڪردارنگاري

جي انداز کان منفرد ۽ مٿانهون نظر ايندو. هن وٽ عورت لاءِ ڪٿي بہ طنز ۽ اگرائي وارو لهجو نہ ٿو ملي، جيڪو مغربي شاعرن وٽ ملي ٿو. سُهڻي هجي يا مومل: شاهہ لطيف انهن ڪردارن مان ڪنهن کي بہ ڏوهاري نہ ٿو سمجهي.

”لطيف جي انهن عورتن ڏانهن ورتاءُ بابت اسان وٽ بہ رويا آهن. هڪڙا چون ٿا تہ شاهہ صاحب سُهڻيءَ جو ساٿ ان ڪري ڏنو جو هن جي شادي زوريءَ ٿي هئي. ان ڪري سندس بغاوت جائز هئي. ٻيا وري ان جواز کي قبول نٿا ڪن. بلڪ چون ٿا تہ اهو جواز ڏئي سماج ۾ اخلاقي برائيءَ پکيڙڻ جي ڪوشش نہ ڪجي. ان سُر ۾ شاهہ صاحب سڌو سنئون تصوف جي ڳالهہ ڪئي آهي. ليلان جي ڪردار ۾ جي ڪا اخلاقي ڪوٽ هئي تہ بہ راوين واري ڳالهہ کي شاهہ صاحب بنهہ لنوائي ويو آهي. هن ليلان کي صرف هار عيوض پتار وڪڻڻ يا مٽائڻ سبب نڌيو آهي، جيڪو واقعي ننڌڻ جهڙو عمل هو، سو بہ ان ڪري جو ليلان جهڙي ڏاهيءَ کان اهو ڏوهہ ٿي ويو.“(۵)

ڇيو ويندو آهي تہ زيور عورت جي ڪمزوري ٿيندا آهن، اهو ئي سبب آهي تہ هار جي سونهن تي هرڪجي، ليلان، ڪونرو جي ڳالهين ۾ اچي ٿي ۽ هڪ رات لاءِ سهاڳ ڪنهن اڻڪل سان سندس حوالي ڪيائين. پر شاهہ لطيف، ليلان لاءِ منفي رويو نہ ٿو ڏيکاري:

تـو جو پـانـئيـو هـارُ، سـو سُـورَن جو سَـگُـرو،
چَـنيـسَـرُ چِـتُ ڪـٽـي، تـيـو پـورِهَـيتِ جو پـارُ،
اُوَٽَـتِ جو آچارِ، ڪانڌُ ڪِـنِهـين سـين م ڪَـري.
(سُر ليلان چنيسر، داستان پهريون، بيت ۹، ص: ۵۰۰)

(جنهن کي تو هار سمجهيو، سو سُورن جو ڳٽ هو. چنيسر تو تان (ليلا تان) پيار ڪٽي وجي پورهيت (ڪونروءَ) جو پاسو ورتو. شل پتار، ڪنهن سان اٽبٽت جو ورتاءُ نہ ڪري!)

رابرٽ برائوننگ جي نظمن ۾ عورت کي قتل ڪندي ڏيکاريو ويو آهي، پر شاهہ جي سهڻيءَ کي ڪنهن مرد نہ بلڪ هڪ عورت وسيلي مارايو ويو. جڏهن سهڻي، ميهار سان ملڻ نڪري ٿي ان وقت سندس نڻان ڪچو دلو رکي ٿي ڇڏي، جيڪو لهرن جي سٽ نہ ٿو سٽي سگهي ۽ سهڻي پنهنجو وجود وڃائي ٿي ويهي. هوڏانهن سُر مومل





راڻي ۾ جڏهن مومل پنهنجي ڀيڻ سومل کي مرداڻو ويس اوڍائي پاڻ سان سمهاري ٿي ۽ راڻو اهو لقاءُ ڏسي ڪانئس بدظن ٿي رُسي وڃي ٿو پر ڪيس قتل نہ ٿو ڪري. ساڳيءَ ريت مارئي جڏهن عمر بادشاهہ جي قيد مان آزاد ٿي ماروئڙن وٽ پهچي ٿي تہ هو سندس دل ۾ جان سان آجيان ڪن ٿا. شاهہ ان سنڌ جي ڳالهہ ڪري ٿو، جنهن ۾ عورت کي انسان سمجهيو ويندو هو ۽ محبت ڪرڻ يا ڪنهن غلطي ڪرڻ جي صورت ۾ ڪيس قتل ڪرڻ يا سزا ڏيڻ بدران معاف ڪيو ويندو هو . محبت ڪرڻ ۽ پسند جي شادي ڪرڻ عورت جا بنيادي حق آهن ، جن کان سماج منطقي طور تي انڪار ڪري ٿو.

شاهہ لطيف سُر مومل راڻو، سُر سسئي، سُر سهڻي ۽ ٻين لازوال سرن ۾ ازدواجي محبت جا لازوال رنگ چٽيا آهن . اها حقيقت آهي تہ هن ڪردارن جي پيٽ ۾ انساني فطرت جو وڏيڪ ذڪر ڪيو آهي. وردس ورٿ اٺن سالن جي عمر جو هو تہ سندس ماءُ گذاري وئي. سندس ڀيڻ ڊوروٿي ۽ پائر الڳ هاسٽلز ۾ رهيا. ڊوروٿي سان ڪافي سالن بعد هو مليو، جيڪا وليم وردس ورٿ سان گڏ رهڻ لڳي. هن پاءُ کي تمام گهڻو ساٿ ڏنو. وردس ورٿ جي زال مريم ۽ ڏيءَ ڊورا هن لاءِ اُتساهہ جو سبب هيون. ڊوروٿي ڪيس زندگيءَ جي هر معاملي ۾ وڏو ساٿ ڏنو هو. هڪ پاءُ، محبوب، مڙس ۽ پيءُ جي روپ ۾ رشتن کي نڀائڻ جو ڏانءُ رکندو هو. ڪولرج، شيلي ۽ ٻين انگريزي شاعرن جي ڀيٽ ۾ وليم وردس ورٿ عورت کي اُتساهيندڙ ڪردار طور پيش ڪيو آهي. هو پتائيءَ وانگر ڪيس مضبوط، احساس وندبيندڙ ۽ آٿت ڏيندڙ هستيءَ طور ڏسي ٿو. هو پنهنجي نظم Phantom of Delight ۾ هيئن چئي ٿو.

She was a phantom of Delight'

I saw her upon nearer view,
A Spirit, yet a Woman too! (6)

(هوءِ خوشيءِ جو پاڇو هئي

مون ڪيس ويجهي کان ڏٺو،

هڪ روح ۽ هڪ عورت پڻ!

Praise, blame, love, kisses, tears, and smiles
And now I see with eye serene
The very pulse of the machine;

A being breathing thoughtful breath,
A traveller between life and death;
The reason firm, the temperate will,
Endurance, foresight, strength, and skill;
A perfect Woman, nobly planned,
To warn, to comfort, and command;
And yet a Spirit still, and bright
With something of angelic light(7)

ساراهه، ملامت، پيار، چميون، ڳوڙها ۽ مرڪ.
۽ هاڻي مان پرسڪون اکين سان ڏسان ٿو
مشين جا تمام نبض؛
وجود جيڪو پر فڪر ساهه کڻندڙ
زندگي ۽ موت جي وچ ۾ مسافر؛
دليل پختو، معتدل به،
برداشت، اڳيرائي، طاقت، ۽ مهارت؛
هڪ مڪمل عورت، وڏي رٿابندي تحت،
ديڄارڻ، آرام ڪرڻ ۽ حڪم ڏيڻ؛
تنبيهه ڪندڙ، آرام ڏيندڙ حڪمراني ڪندڙ
۽ هڪ روح اجا تائين، ۽ روشن
فرشتي جي روشنيءَ سمان.

ورڊس ورٿ هن نظم ۾ پنهنجي زال کي خوبصورت لفظن ۾ پيتا ۽ سندس سموري جدوجهد کي خوبصورت خراج تحسين پيش ڪري ٿو. گهر ۽ ور لاءِ سندس وجود جي اهميت، سندس گهرو ڪم ڪار، گهر سان مخلص هئڻ ۽ تڪليف ڪٽي گهر ڀاتين کي سک پهچائڻ. ڪاڏي ڏيڻ کان باقي آرام ۽ سک پهچائڻ تائين هوءَ پنهنجي شخصيت ۾ مڪمل ۽ قابل تعريف آهي. ورڊس ورٿ لاءِ هوءَ خوبصورت روح آهي. اها حقيقت آهي ته عورت جي سونهن کي ته مجتا ملي ٿي، پر سندس روح کي نظر انداز ڪيو وڃي ٿو. هن نظم ۾ شاعر عورت کي احساس جي سونهن سميت پيش ڪيو آهي. نفسياتي حوالي سان ڳالهه ڪجي ته هڪ خوبصورت ازدواجي زندگي گذاريندڙ





فرد ڏکي ۽ پرسڪون زندگي گذاري ٿو . ٻين رومانوي شاعرن جي ڀيٽ ۾ وليم ورڊس ورٿ وڏي ڄمار ماڻي، جنهن جو بنيادي ڪارڻ فطرت ۽ عورت سان سندس فعال رابطا آهن.

شاهه لطيف به ساڳيءَ ريت ، عورت جي ظاهري سونهن بدران سندس عمل جي سچائي ۽ شخصي پختگيءَ جو ذڪر وڌيڪ ڪيو آهي. عورت جي سهپ، قرباني، احساس ۽ نياز نوڙت ۾ گهرن جي بقا جو راز لڪل آهي. هوءَ هڪ مضبوط پل وانگر آهي. هوءَ سموري خاندان جي ڳانڍاپي جو وسيلو ٿئي ٿي. ڀٽائي سندس ذات ۾ سهپ، ڏاهپ، سياڻپ ۽ احساس جو چانورو ڏسي ٿو. ڀٽائيءَ جو عورت لاءِ رويو قديم سنڌ وارو آهي، جنهن ۾ ڪيس ديويءَ جو درجوڏنو ويو هو. ديوي معني پوتر ۽ عطا ڪندڙ، ٻاجهه ۽ محبت جي ورڪا ڪندڙ، جنهن کان سدائين چڱائي ۽ اميد جي توقع رکجي. ايندڙ دورن ۾ عورت جو تصور ثقافتي نفاذ وسيلي بدليو. مختلف حملا آور آيا، جيڪي پنهنجا عقيدا ۽ ريتون رسمون ساڻ کڻي آيا. ٻيو جنگين ۾ ڪا اخلاقيات نه رکي وئي، جنهن دوران عورتن جي حقن کي پائمال ڪندي، کين مال غنيمت سمجهيو ويو. جنگين ۾ عورتون ظلم ۽ ڏاڍ جو شڪار رهنديون آيون آهن. جيتوڻيڪ هٽلر وڏو ظالم حڪمران هو پر هو جنگي قيدي طور عورتن جي جنسي ڏاڍاين جي خلاف هو. يوناني مفڪر پڻ عورتن جي خلاف هئا ۽ روايتي سوچ جو شڪار نظر اچن ٿا، پر ارسطو اسپارٽا جي تباهيءَ جو ڪارڻ عورتن تي ظلم ٻڌايو هو.

ڏٺو وڃي ته يورپ ۾ پڻ عورتن جي حقن جي پائماليءَ جا ساڳيا داستان ملن ٿا. يورپ ۾ اڻويهين صديءَ ڌاري عورتازاد ايڪٽوزم ۽ اڪيڊمڪ تحريڪن زور ورتو. ١٨٩٧ع ڌاري Millicent Fawcett نالي سان هڪ بهادر ڪردار اڀتي آئي، جنهن National Union of women suffrage نالي سان تنظيم جو بنياد وڌو. پارليامينٽ تي مردن جي اجارا داري هئي. انڪري عورتن جي اليڪشن ۾ حصي وٺڻ تي پابنديون هيون. ١٩٠٣ع ۾ Emmeline Pankhurst ان تحريڪ جي سرواڻي ڪئي. ان دور ۾ عورتن کي ووٽ جو حق مليو. ان ڪانسواءِ سائمن دي بوار 'سيڪنڊ سيڪس' نالي ڪتاب لکيو ته عورتن ۾ وڏي سجاڳي آئي. هن ڪامياب عورتن جي راهه ۾ مردن طرفان پيدا ڪيل رڪاوٽن جو ذڪر ڪيو آهي. بعد ۾ يورپ ۽ آمريڪا ۾ عورتن

نوڪري ڪرڻ ۽ ملڪيت ۾ حصي جو حق گهريو ۽ ڪنهن حد تائين عورتن کي حق مليا، پر عورت کي شخصي برابري نہ ملي سگهي.

يورپ جي ترقيءَ واري دور کان گهڻو اڳي پٺائيءَ وٽ صنفي پيٽ نظر نہ ٿي اچي، ان لحاظ کان سنڌ، يورپ کان اخلاقي طور تي سگهاري هئي. سنڌ ۾ جڏهن ڏاريون قومون اچي آباد ٿيون، جن ۾ اڳرائي وڌيڪ هئي ۽ اهي عورتن کي پابند رکنديون هيون. ياد رکڻ گهرجي تہ سنڌ ۾ ڏاري آبادڪاري ۽ گهڻ رخي ثقافت جي ڪري ڪيتريون ريتون، رسمون ۽ رواج هڪٻئي ۾ ضم ٿي ويا ، جن جو سنڌ سان ڪو واسطو نہ هو. سنڌ ۾ ڏاج، پٽي ورتا يا عورت جي گهريلو جبري پورهئي جو ڪو تصور نہ ٿو ملي. مذهب جي آڙ وٺي جاگيرداري ۽ زميداري نظام غيرت جو تصور ڏنو ۽ جبري پورهئي کي همٿايو. عام ٻهراڙيءَ جي عورت پردو ڪونہ ڪندي هئي. ڪين رئو ٻهريل هوندو يا پلئہ منهن تي لاڙي ڇڏينديون هيون. موهن جي دڙي جي تهذيب مان ڪو هٿيار نہ مليو. سنڌي اوائلي دور کان امن پسند قوم هئي. هتي غيرت ۽ ڪارو ڪاريءَ جي رسم جنگجو قبيلن آندي، پوءِ ممڪن آهي تہ سنڌين کي اها غير انساني رسم پاڻ پئجي ويئي هجي. انڪري اهو چوڻ تہ شاهہ لطيف ۾ عورتازاد روين جو عڪس ملي ٿو، بلڪل غلط تصور آهي. شاهہ عورت کي شعوري طور تي پيش نہ ڪيو، بلڪ هن سنڌ جي مزاج جي حقيقي ترجماني ڪئي.

شاهہ لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ عورت کي هڪ سگهارو ڪردار ڪري پيش ڪيو آهي، جيڪو جدوجهد، سچائي ۽ بهادريءَ جي علامت آهي. شاهہ جون سورميون سورميون سماج جي اڻ وڻندڙ روين ۽ غيرانساني ريتن ۽ رسمن خلاف مهاڏو اٽڪائيندي نظر اچن ٿيون. هو حق ۽ سچ جي راهہ تي هلندي، مقصد حيات حاصل ڪرڻ جي جدوجهد ڪنديون رهن ٿيون.

شاهہ جي سورمي 'مارئي' پنهنجي اٽل ارادن سبب مقصد ۾ ڪامياب ٿي وڃي ٿي. هوءَ عمر بادشاهہ جون آڇيل سموريون آسائشون ٺڪرائي ٿي ڇڏي. پنهنجي ديس جي ڌرتيءَ جي خوشبوءِ فطري ماحول ۽ غريب مارن جي اُڪير جي سامهون قيمتي لباس، زيور ۽ محل ڪيس تڇ نظر اچن ٿا.

سي ساهيڙيون، سارين تو، سِلُ جنين جو سَچُ،





مـارُوءَ رِيءَ مَـچ، سِـيهـو پـانـئِـج سـوَن ڪـي.

(سر مارئي، داستان ڏهون ۴، ص: ۵۹۸)

(اُهي سرتيون تو کي ياد پيون ڪن، جن جو ڳڻ 'سپت' آهي. ماروءَ کان سواءِ پنهنجي ٻت تي ماس نہ چاڙهج؛ سون جي زيورن کي شيهي جهڙو سمجهج، (سون کي تڇ سمجهج).

عورت پنهنجي گهر، ور ۽ ويڙهي جي سونهي آهي. هوءَ پنهنجي من جي سچائيءَ ۾ ڏيئي جي لاٽ وانگر آهي. عورت کي قدرتي طور تي پنهنجي اصلوڪي جاءِ ڇڏڻ جو ڏک ورثي ۾ ملي ٿو. عورت پنهنجو اباڻو گهر ڇڏي شاديءَ ڪانپوءِ ٻيو گهر وسائي ٿي. پويان ڇڏي آيل رشتا، گهر، گهٽيون ۽ يادگيريون ڪيس ستائينديون رهن ٿيون. احساس جي اها اڇل مارئيءَ جي ڪردار مان محسوس ڪري سگهجي ٿي. عورت ذهني طور تي سگهاري ٿئي ٿي. هوءَ وجود جي بقا جي جنگ وڙهي سگهي ٿي.

مـلـيـران مـارُو، پـڪـي، پـيـهـي آئـيـو،
وَريـا واهـارُو، هـاٽـوُ، سَـپِ هـيـٺـا ٿـيـا.

(سُر مارئي، داستان يارهون، بيت پهريون، ص: ٦٠١)

صنفي متڀيد جديد دورن جي پيداوار آهي، جنهن ۾ عورت کي هڪ وکر طور پيش ڪيو ويو. ڪيس منفي روپ اختيار ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويو ۽ بعد ۾ ڪيس ڏوهاري قرار ڏنو ويو. عورت بازار، سياست ۽ ڪاروباري زندگيءَ جو حصو بڻجي پنهنجا حق ۽ حيثيت وڃائي ويٺي. مرداڻي سماج عورت کي شمع محفل بڻايو ۽ اها روايت ميڊيا توڙي فلمن ۾ هلندي پئي اچي. شاعريءَ ۾ عورت کي مثبت توڙي منفي انداز ۾ پيش ڪيو ويو.

مغربي شاعرن ۾ ڪيٽس، عورت کي پنهنجي شاعريءَ ۾ ديويءَ جي روپ ۾ پيش ڪيو آهي. ڪيٽس ننڍو هو تہ سندس والده گذاري وئي. ان صدمي ڪيٽس جو جيءُ جهوري رکيو. فيني بران سندس اداس زندگيءَ ۾ ڏيئي جي لاٽ جيان ظاهر ٿي، پر جيئن تہ هو سِلهہ جهڙي وچڙندڙ بيماريءَ ۾ مبتلا هو، انڪري ساڻس شادي ڪرڻ ممڪن نہ هو. ان ڪيفيت ۾ هن لازوال غمگين شاعري ڪئي. سندس وجود ۾ ڪنهن يوناني ديويءَ جو روح ساهہ کڻي رهيو هو. هن عورت جا ڪي ڪردار يوناني ديويءَ

طور ڏيکاريا آهي. هن عورت کي درد جي علامت طور ڪنيو آهي. هن لاءِ عورت هڪ اسرار، ديوي ۽ آئت ڏيندڙ هستي آهي. ڪيٽس پنهنجي زندگيءَ ۾ شامل عورتن کي، پنهنجي زندگيءَ جي حالتن جي پس منظر ۾ بيان ڪيو آهي. محبت ڏانهن سندس نظريو غيرواضح آهي. ان تصور ۾ ڪشش، حسن ۽ خوف نمايان محسوس ڪري سگهجن ٿا.

جان ڪيٽس جي زندگي ننڍپڻ کان ڏکن ۾ گذري. اهوئي سبب آهي ته درد سان رومانٽيسزم جو جيڪو انداز ڪيٽس وٽ ملي ٿو، ورلي ڪنهن ٻئي شاعر وٽ نظر ايندو. پنهنجي نظم ”Ode to Psyche“ ۾ لکي ٿو.

A thing of beauty is a Joy for ever:
Its loveliness increases; it will never
Pass into nothingness.(8)

(هو فطرت ۽ محبت جي سونهن کي دائمي خوشيءَ طور ڏسي ٿو. جنهن جي دلڪشي وقت گذرڻ سان وڌي ٿي، جيڪا ڪڏهن به ختم ٿي نه ٿي سگهي).

ڪيٽس پنهنجي محبوبه ' Fanny Brawne' کي انتهائي خوبصورت ۽ جذبن سان ڀرپور خط لکيا، جيڪي دل کي ڇهندڙ انتهائي اثر انگيز نثري ٽڪرا آهن. سندس محبت ۽ فطرت جي بيانئي ۾ گهرو سوز، مخفي سرشاري، وجداني اُتساهه، دلڪش غمگيني ۽ اُميد نظر اچي ٿي. محبت جو اُتساهه سندس غمگينيءَ کي دائمي حسن بخشيو آهي.

ٻئي پاسي شاهه لطيف عورت کي محبت، حُسن، پنهنجائپ، وفا ۽ ڌرتيءَ تي ساهه ڏيندڙ ڪردار طور ڏيکاريو آهي. ڪيٽس جيان شاهه لطيف جي بيانئي ۾ درد ۽ گداز جي ڪيفيت نمايان طور ملي ٿي. ڪيٽس عورت جي ڪردار کي ڪٿي ڪٿي احساس محرومي ۾ ويڙهيل ڏيکاريو آهي، پر شاهه وٽ عورت مستقل پنهنجي حقن لاءِ وڙهندي ۽ جدوجهد ڪندي نظر اچي ٿي.

ڪيٽس جا موضوع فراريت، ذاتي غم تائين محدود آهن، پر شاهه جي شاعريءَ ۾ حقيقت پسندي، منطق ۽ اجتماعي حوالا وڌيڪ ملن ٿا. درد، پيڙا ۽ غم کي هو انسانيت جو ورثو قرار ڏيئي ٿو. درد ۽ دانهن جي اُپٽار لاءِ هن عورت جا ڪردار





چونڊيا آهن، جيڪي تڪليف، پيڙا، جدائي ۽ جلاوطنيءَ جي احساس جي ڀرپور ترجماني ڪن ٿا. عورت جي ڪيفيتن کي جهڙيءَ ريت شاهه لطيف بيان ڪيو آهي، شايد ئي دنيا جي ٻئي ڪنهن شاعر، عورت جي اندر جي ڪيفيت کي اظهاريو هوندو. سُر سامونڊيءَ ۾ سهاڳڻ جي وڇوڙي جي ڪيفيتن کي شاهه لطيف خوبصورتيءَ سان بيان ڪيو آهي.

نـنـگَـرَئُون نـيـٽـيـن، مَـنُ اولِـيءَ نـه اوهَـري،
سَـپـاجـهـيـن نـيـٽـيـن، پـائـي ڳُـڻَ ڳِـهـيـو هِـنِـيـون.
(سُر سامونڊي، داستان پهريون، بيت ٧، ص: ١٩٠)

(منهنجو من، لنگر جي پر کان، پيڙيءَ جي ڳن سان به پري ڏڪجي نه ٿو سگهي، سپاجهي سپرينءَ منهنجو هيئنون پنهنجن ڳڻن سان موهي سوگهو ڪيو آهي، (يا رسن سان قابو ڪيو آهي).

سرسامونڊي ۾ شاهه لطيف، ونيءَ جي وڇوڙي جي درد کي گهرائيءَ ۾ لهي بيان ڪيو آهي. ائين ٿو محسوس ٿئي ته عورت جو ڪردار سندس دل ۽ روح جي گهٽو ويجهو رهيو آهي. عورت محبت ڪرڻ جي رمزن کان واقف آهي، هن جي من ۾ سڪ جو سمنڊ ڇلي ٿو. اهو ئي سبب آهي ته مجازي محبت کي بيان ڪرڻ لاءِ، شاهه صاحب عورت جي ڪردار جي چونڊ ڪئي آهي. خاص طور تي جڏهن هوءَ پنهنجي وَرَ سان محبت ڪري ٿي ته شاهه سائين ان ۾ پنهنجائپ، آسرو، نگهبانيءَ جو سُرور ۽ آئت جو جذبو جنهن رمز سان بيان ڪري ٿو، اُها ڪيفيت انوکي ۽ لازوال ٿي محسوس ٿئي.

جيڪُسِ نِبَرُ نينهن سَندِمِ، جئن مُون اُيي هُن ٿيليو،
سَعيـو سامُـونـدِيَـن سيـن، اَڳهيـن تـان نـه ڪِـيـومَ،
وجَـهـڻُ مَـنـجـهِ هُـئُـومِ، پاڻ وُراڪي رَسِ سيـن.
(سر سامونڊي، داستان پهريون، بيت ٢٢، ص: ١٩٣)

(شايد منهنجو نينهن نبل (ڪچو) هو، جو هو منهنجي ٻيڙيءَ کي ٻيڙيءَ کي ڏکي، اُنکي هاڪاري ويندو رهيو. سامونڊين سان گڏ وڃڻ لاءِ اڳي ئي سعيو نه ٿي ڪيم، مون کي گهربو هو ته پاڻ کي رسيءَ سان وڪوڙي وڃي ٻيڙيءَ ۾ پئجي رهان).

شاهه لطيف، عورت کي طالب جي روپ ۾ پيش ڪيو آهي ڇو ته عورت ٻي

غرض عشق ڪرڻ جي هنر کان واقف آهي. ماءُ جي روپ ۾ اولاد سان عشق ، ونيءَ جي روپ ۾ ور سان عشق ، ڌيءَ جي صورت پيءَ لاءِ پيار جو درياءَ بڻجي پوي ٿي . هر روپ ۾ سندس پيار، عشق آدرشي ٿئي ٿو. هوءَ ڪنهن بہ روپ ۾ عشق ڪري ٿي تہ هستي وڃائي ٿي ڇڏي. هستي وڃائڻ واري رمز فقيري آهي. ذات جي نفي صوفيءَ جو وڙ آهي.

رومانوي شاعرن ۾ پرسي باءِ شي شيلي (Percy Bys she Shelley) جي اندر هڪ باغي ڪردار ننڍپڻ کان موجود هو. هو ناپسنديده حالتن سان گهٽ سمجهوتو ڪري سگهندو هو، جنهن جي ڪري تعليمي ادارن ۾ هن سان اڻ وڻندڙ سلوڪ ٿيو. اهو ئي سبب آهي تہ هن پنهنجي اندر جي احساس گهٽتائي جي پورائي لاءِ محبت ۾ پناهہ ڳولي.

عورت جي حوالي سان شيلي وٽ خوبصورت جذبا ضرور آهن، پر عورت لاءِ هن وٽ غير مشروط احساس نہ ٿو ملي. هو عورت کي وقت گذارڻ جو ذريعو سمجهندي، محبتون تبديل ڪندو رهي ٿو. هن جو عورت ڏانهن رويو غيرمعمولي يا آدرشي ڪونهي. شيلي وٽ عورت لاءِ خوبصورت لفظ ضرور آهن، پر اُهي ڪاغذي گلن جيان محسوس ٿين ٿا. اهو بہ ممڪن آهي تہ ذات جي بحران جي ڪيفيت ۾ هو، محبت جي خوبصورت اثر کي محسوس ڪري نہ سگهيو هجي، جنهن جي ڪري هو هڪ محبت کان ٻي محبت تائين ڀٽڪندو رهيو. شيلي هڪ ذهين، غيرمستقل مزاج ۽ بي چين شخص هو، جنهن کي شايد ڪا عورت سمجهي نہ سگهي. شيلي جي اٽپورين محبتن جي باري ۾ مختلف قياس آرائيون جنم وٺنديون رهيون هيون. شيلي جي ناڪام محبتن جي پٺيان سبب ڪهڙو ئي چو نہ هجي، پر انهن اڌورين محبتن سندس شعرن کي لافاني سگهہ عطا ڪئي. مضمون نگار سوسن جيڪويس (Susan Jaques) محقق Teddy Chichesterحوالو ڏيندي لکي ٿي.

‘Shelley came from a very feminine household with a beautiful, dynamic mother and four bright, attentive sisters’. She says, ‘He flourished in thin environment and always tried to re-create the relationship with his mother through his wives, sisters and lovers.(9)’

(شيلي هڪ بيحد نسائي گهراڻي مان هو، جنهن جي هڪ خوبصورت





متحرڪ ماءُ ۽ چار روشن، توجهہ ڏيڻ واريون ڀيڻيون هيون، هو ان ماحول ۾ پليو ۽ وڌو ٿيو ۽ سدائين پنهنجي زالن، ڀينرن ۽ محبوبائن جي وسيلي پنهنجي ماءُ سان تعلق کي ٻيهر ٺاهڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو).

شيلي پنهنجي نظم پيار جو فلسفو (Love’s Philosophy) ۾ چوي ٿو.

The fountain mingle with the river
And the rivers with the ocean,
The winds of heaven mix for ever
With a sweet emotion;
Nothing in the world is single;
All things by a law divine
In one spirit meet and mingle
Why not I with thine? (10)

(چشما درياهہ سان ملي وڃن ٿا
۽ درياهہ سمنڊ سان
آسمان جون هوائون جذب ٿي وڃن ٿيون
دلڪش جذبن سان
دنيا ۾ ڪابہ شيءِ اڪيلي ناهي
الوهي قانون تحت تمام شيون
هڪ روح ۾ يڪجا ٿي جذب ٿين ٿيون،
تہ پوءِ مان ڇو نہ ٿو تو سان ملي سگهان).

شيلي، عورت جو تصور ’ڇانورو‘ ۽ ’پناهہ ڏيندڙ‘ جو پيش ڪيو آهي . شاهہ لطيف جهڙيءَ ريت محبت جي نفسيات کي سمجهيو ۽ پيش ڪيو آهي اُها شيلي جي طلب، تضاد جي مطابق آهي. هو محبت حاصل ڪري وڃائي ٿو ڇڏي. يعني هن وٽ حاصلات جي اهميت نظر نہ ٿي اچي ۽ هو اڻ حاصل ٿيل محبت جي موهہ ۾ مبتلا ٿي جذبن جي هڪ نئين ۽ اڻ ڏٺل رستي ڏانهن نڪري پوي ٿو.

شاهہ صاحب ان رويي جي ترجماني هن ريت ڪئي آهي.

ڏوريان ڏوريان مَر لَهان، شالَ مَر مِلان هوتَ،
مَنَ اَندَرِ جا لوچَ،مَڇُڻِ مِلَڻَ سان مانِي ٿِئي.
(سر حسيني، داستان ستون، بيت ٣، ص: ٤٦٠)

شاهه لطيف جي نظر ۾ محبت، انسان جي زندگيءَ جي اهم ضرورت آهي، جيڪا ڪيس تصور ۽ تخيل جي انوکي دنيا ڏانهن وٺي وڃي ٿي. محبت، ذهن ۽ روح کي شفاف بڻائي ٿي. زندگيءَ جي اسرارن کي سمجهڻ ۾ مدد ڪري ٿي. اها محبت زميني حقيقتن کان ويجهي ۽ زندگي بخش آهي. هن عورت کي طالب جي روپ ۾ پيش ڪيو آهي، جو ته عورت عشق جي رمزن کان چڱيءَ طرح واقف آهي. سندس محبت ۾ هڪ وڏي ڇڪ ۽ بيقراري ٿئي ٿي، جيڪا جسم جي گهرجن کان مٿانهين احساس جي دائمي ڪشش آهي. سندن احساس محبت جي محور جي چوڌاري ڦرندو رهي ٿو.

سَهسِين سِجَنِ اُڀري، چوراسي چندَنِ،
بِا اللهِ، ري پِريَنِ، سَڀَ اُونداهِي پانئيان.
(سُر ڪنيات، داستان پهريون، بيت ١٢، ص: ١٣٣)

سهين سج ۽ چوراسي چنڊ اُڀرن ته به سائين جو سنهن! ته پرينءَ بنا جيڪر ساري روشنيءَ کي اونداهي سمجهان).

عورت احساساتي طور تي ذرتي، فطرت ۽ ڪائناتي شعور جي ويجهو ٿئي ٿي. هوءَ هڪ وقت ور، گهر، ٻارن، مٽن مائٽن، مال متاع ۽ سموري ماحول کان مڪمل طور تي آگاهه رهي ٿي. هن وٽ گهڻ رخو ذهن ۽ سوچ ٿئي ٿي. اهي خوبيون مرد ۾ ڪونه ٿين: انڪري هو هڪ ئي وقت ۾ مختلف ڪم نپائڻ جي صلاحيت نه ٿو رکي. عورت سيني سان دل جي گهرائيءَ سان محبت ڪري ٿي. سندس محبت جا پيمانا ڪٿي به گهٽ يا وڌ نه ٿا ٿين بلڪ هوءَ محبت ورهائيندي به خالي نه ٿي ٿئي. ان راز کي فقط پتائي سمجهي سگهيو آهي. هوءَ پنهنجي محبت ۾ درياهه وانگر آهي. زندگي ورهائيندڙ شاهه لطيف جا سمورا سُر عورت جي ڪردارن جي خوبين ۽ خامين سميت ڀرپور عڪاسي ڪن ٿا.

عورت مختلف دورن ۾ پوڄيو آهي. سماج سدائين سندس ننڍ، خواهشن،





خوابن کي رد ڪيو آهي. اها ڪيفيت وليم بليڪ جي شاعريءَ ۾ پڻ نظر اچي ٿي. وليم بليڪ عورت کي ماءُ، سخي، رحمدل، جذبن جي نزاڪت سان ڀرپور هستيءَ طور ڏيکاريو آهي. هو ڪيس سونهن، فطرت ۽ معصوميت جي علامت سمجهي ٿو. محبت ڪرڻ جنهن جو بنيادي حق آهي پر سماج، مذهب ۽ روايتي سوچ ڪانئس اهو حق ڦري ٿي. سندن نظم بيمار گلاب (The Sick rose) ۾ هوءَ ان ڪيفيت جي وضاحت ڪري ٿو:

O Rose thou art sick
The invisible worm,
That flies in the night
In the howling storm
Has found out thy bed
Of crimson joy,
And his dark secret love
Does thy life destroy? (11)

(اي گلاب تون بيمار آهين. هڪ خفيه محبت طوفاني رات ۾ اڏامي اچي تنهنجي وجود ۾ واهيرو ڪيو. سرخ رنگ جي خوشي ۽ ان جي سياهه خفيه محبت تنهنجي زندگي تباهه ڪري ڇڏي).

هن نظم ۾ وليم معصوم محبت تي بديءَ جي بُري نظر جو اثر ڏيکاري ٿو. هن نظم ۾ هو سماج جي اڻ وڻندڙ روين جو ذڪر ڪري ٿو، جيڪي عورتن لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿين ٿا. هن پنهنجي ٻئي نظم 'آهه سورج مکيءَ جا گل' (Ah! Sun-flower) ۾ پڻ ان قسم جي ڪيفيت جي نشاندهي ڪئي آهي، هو سڌو سنئون مذهب تي تنقيد ڪري ٿو، جيڪو محبت ڪندڙن جي وچ ۾ وڏي رڪاوٽ بڻجي ٿو. محبت جو خوبصورت باغ قبرن ۾ تبديل ٿيندي ڏيکاريو ويو آهي. توڙي جو وليم بليڪ پاڻ عيسائي مذهبن جو سخت پيروڪار هو پر ان هوندي به هو انگلينڊ جي چرچ تي تنقيد ڪندو رهيو آهي. هن محبت جو غير روايتي تصور پيش ڪيو آهي.

عورت جي حوالي سان شاهه لطيف جي سوچ ۾ وسعت نظر اچي ٿي. هو عورت کي هڪ فرد، هڪ انسان جي حيثيت ۾ پيش ڪري ٿو، پر اڄ جديد دور ۾ جڏهن زندگي هر شعبي ۾ تمام گهڻي ترقي ڪئي آهي ته انسان ذهني طور تي گهٽو پوئتي

رهجي ويو آهي. هو انساني حقن ۽ اخلاقي قدرن کي وساري ويٺو آهي. شاهه لطيف عورت کي محبت ڪندي ۽ محبت ۾ لڇندي ڏيکاريو آهي. عورت کي محبت ڪرڻ جو حق ڏنو آهي. جڏهن ته اڄ جي هن جديد دور ۾ عورت کي پسند جي شاديءَ جو حق نه ٿو ڏنو وڃي، جيڪو حق کيس مذهب ڏنو آهي، جنهن جي ڪري سماج ۾ وڏي بي چيني محسوس ٿئي ٿي. عورت جي عشق جي سوز ۽ آلاپ کي پٿائيءَ هن ريت بيان ڪري ٿو.

رُڃُنِ ۾ رَڙِ ٿـي، ڪـرَ ڪُـرَڪـي ڪُـونَـج،
نَعرو مَنجِهه نِڪُونَجَ، اِيَ تان آهَ عِشق جي.

(سر معذوري، داستان ۷، ب ۲۰، ص: ۳۷۱)

(رُڃن ۾ سسئيءَ جي راحت ائين ٿي لڳي، ڄڻ ڪا ڪونج پئي لنوي، سندس آواز ڪنهن ڪونج جو ڪنهن چشمي مان ايندڙ آلاپ پيو ٿي، پر حقيقت ۾ اهو عشق جو ئي آواز آهي).

پٿائي، سسئيءَ کي درد ۽ عشق جي علامت طور پيش ڪيو آهي. پٿائيءَ جو هي سُر ڳولا، وڇوڙي ۽ لازوال عشق جو انوکو ويچار آهي. سسئي جو ڪردار تڪليف، درد ۽ پيڙا جي ڪيفيت سان سرشار آهي. پٿائي درد کي ڪڏهن پکي ته ڪڏهن ساز سان ٿو ڀيٽي.

رُڃُنِ ۾ رَڙِ ٿـي، ڪـرَ سـارَنـگِـيءَ سـازُ،
اِيءُ عِشـقُ جـو آوازُ، مـاڙهُـو رَڪَـنِ مُـنـدَ تـي.

(سر معذوري، داستان ۷، ب ۲۱، ص: ۳۷۱)

(رُڃن ۾ سسئيءَ جي پڪار اِئين پئي لڳي، ڄڻ سارنگيءَ جو مٺو آواز، اِهو نيهن جو آلاپ آهي، پر ماڻهو اُنکي هڪ عاجزا (عورت) جو ورلاپ ڪري ٿا سمجهن).

موهن جي دڙي مان ڪو هٿيار نه مليو پر قديم سنڌ ، محبت، راڳ ۽ رقص جي سرزمين هئي جيڪي روايتون وقت سان ختم ٿي ويون . عورت جو خوش ۽ مطمئن هئڻ انڪري به ضروري آهي جو هوءَ نسلن جي نگهباني ڪري ٿي . سندس اندر جو خوف ، بي يقيني ۽ محرومي ٻار ۾ منتقل ٿي وڃن ٿيون . خوف جي اوڙاهه مان اسرندڙ نسل ڪنهن کي احساس جي پناهه ڏيڻ ڪان محروم رهي ٿي. شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾





عورت جو ڪردار پنهنجي احساس جي چانوري پائڻ جي جدوجهد ڪندي ڏيکاريو ويو آهي. پيار ۽ مخلص نگهباني پائڻ عورت جو بنيادي حق آهي ، جيڪو سماج کيس ان حق کان محروم ڪري ٿو اهو ذهني انتشار جو شڪار ٿي اخلاقي طور تي تباهه ٿي وڃي ٿو.

## حوالا


۱. انصاري اشتياق، ’ڌرتي ماتا‘ ، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ۲۰۰۱ع، صفحو ۱۵۰ ۽ ۱۵۱.

۲. انصاري اشتياق، ’ڌرتي ماتا‘ ، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ۲۰۰۱ع، صفحو ۱۵۲.

3. http:www.google.com/amp/www.inquiriesJournal.com/amp/161/the-balance-of-power-between-men-and-women-in-Robert-brownings-poems.

4. Aaidan Day (Edited) Browning selected poetry and prose, printed in Great Britain by Clast lives pic, 1991, page 26.

۵. فهميده حسين، ڊاڪٽر ’اديون آءُ اڃاڻ‘ ، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، ۲۰۱۲ع صفحو ۴۸ ۽ ۴۹.

6. Christopher Moore, William Wordsworth, selected poem published by Gramerey books, distributed by Random House value, publishing, Inc., 40 Engelhard avenue, Avenel, New Jersey 07001,1993, page 168.

7. Ibid, page 168.

8. John Barnard (Edited) John Keats the complete poems. , Made and printed in Great Britain by Richard Clay (The Chaucer Press) Ltd, Bungay, Suffolk, Fifth edition, 1973, page, 107.

9. https://www.latimes.com/archives/La-xmp-1992-04-17-vw-600-story.html

10. Bruce woodcock (introduction & notes) The selected Poetry and prose of Shelley, typeset in Great Britain by Antony Gray, Printed end bound by Clays Ltd. St Ives plc, 2002, second Edition, page 409.

11. J. Bronowski (introduced and edited) William Blake, set. Printed and bound in Great Britain by cox& wyman Ltd., Reading set in mono type Baskerville, 1958/1983, page 48.

۱۲. نوٽ: مقالي ۾ شامل، شاهه لطيف جا سمورا بيت هيٺئين رسالي تان ڪنيا ويا آهن.

۱۳. شاهواڻي، غلام محمد، ’شاهه جو رسالو‘ ، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، ۲۰۰۵ع.